# چا آريہ غير مقامي هئا؟

## ليکڪ:- سوامي وديانند

## سنڌيڪار:- رامچند آريہ ڪنڌڪوٽ



## سنڌيڪار طرفان

هي ڪتاب ”چا آريہ غير مقامي هئا“ سوامي وديانند جي لکيل ڪتاب آريون ڪا آدي ديش“ جو سنڌي ترجمو آهي. جيڪو سن 1986 ۾ هندي ٻولي ۾ ڇپيو هو.

ترجمي ڪرڻ وقت هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ليکڪ جي مضمون جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ فرق نہ اچي. پر تنهن هوندي بہ ٻوليءَ جي فرق ۽ علاقائي صورتحال کي مدِنظر رکندي ڪٿي ڪٿي ضروري تبديلي بہ ڪئي وئي آهي. جيڪا نهايت معمولي آهي تہ بہ آءٌ ليکڪ کان معذرت خواه آهيان. اميد رکان ٿو تہ آرين جي غير مقامي هجڻ ۽ آريہ ۽ دسيو وغيره بابت اسان جي سماج ۾ جيڪي غلط فهميون ڦهليل آهن. انهن جو هن ڪتاب جي ذريعي ختم ڪرڻ ۾ ڪجهہ مدد ملندي.

**رامچند آريہ**

**ڪنڌڪوٽ**

**18.3.17**

اسان ماضي جي آڌار تي مستقبل لاءِ حال ۾ رهون ٿا. انگري جيڪڏهن ڪنهنجو مسقبل بگاڙڻو هجي ته ان جي ماضي کي بگاڙي اهو ڪم آساني ڪري سگهجي ٿو. ماضي کي بلڪل مٽائي ڇڏڻ ڪنهن به ريت ممڪن نه آهي، پر ان جي روپ کي بگڙيل روپ ۾ پيش ڪري ان جي لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ ممڪن آهي. انگريزن جو برِصغير ۾ اچڻ جو مقصد هت حڪومت ڪرڻ ۽ ان ذريعي پنهنجي نظرين جو ڦهلاءُ ڪرڻ هو. پنهنجي حڪمراني کي قائم رکڻ جي لاءِ هتان جي ماڻهن ۾ ڦوٽ وجهڻ ضروري سمجهيو ويو. ان لاءِ انهن ڪجهه ماڻهن کي هن ملڪ جو مقامي ۽ ڪن کي ٻاهرين ملڪن کان اچي هن ملڪ جي مقامي ماڻهن کي فتح ڪري حڪمراني ڪرڻ واري نظريي کي جنم ڏنو. ڦوٽ جي ان ٻج ڇٽڻ جو ئي نتيجو آهي ته اڄ اسان وٽ ننڍن ننڍن اسڪولن کان وٺي يونيورسٽين تائين اهو ئي پڙهايو ۽ سيکاريو وڃي ٿو ته هن ملڪ جا بنيادي رهواسي ڪول، دراوڙ، ڀيل ۽ سنٿال وغيره آهن. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ايران وغيره ملڪن مان اچي ڪجهه ماڻهن (آرين) هت حملو ڪيو. هتان جي مقامي ماڻهن مان ڪن کي انهن ماري ڇڏيو، ڪن کي قيدي بڻائي پنهنجو غلام بڻائي رکيو ۽ ڪجهه خوف کان ڏکڻ جي طرف ڀڄي ويا ۽ اتي ئي رهي پيا.

ڦوٽ جي هن ٻج، جتي هڪ طرف اتر ۽ ڏکڻ جي ڀيد ڀاءُ کي جنم ڏنو، اتي ٻي طرف ساڳي ورڻ ۽ غير ورڻ، ذات پات شيڊول ڪاسٽ جو



نالو ڏيئي ماڻهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ مخالفت، نفرت ۽ حسد کي وڌايو. اڄ هتان جي ايڪتا ۽ اکندتا توڙي ۽ ٻين انيڪ مسئلن جي حل ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آرين کي ٻاهرين ملڪن مان آيل چوڻ جو اهو غلط نظريو آهي.

عجب ۽ ڏک جي ڳالهه اها آهي ته آزادي ملڻ کان بعد به اسان انهي غلط مفروضن هيٺ زنده آهيون. هاڻي اهو چيو وڃي ٿو ته جيڪڏهن 2 سو سال اڳ اچڻ وارا انگريز ٻاهرين ملڪن ۾ آيا هئا ته پوءِ 3 هزار سال اڳ اچڻ وارا آريه ڌاريا ڇو نه؟ آزادي ان ڏينهن مجي ويندي جڏهن انگريزن وانگر حملا آور جي روپ ۾ آيل آريه به هتان نڪري ويندا ۽ حڪومت جي ڏور آدي واسين جي نالي سان سڏائيندڙ هتان جي مقامي ماڻهن جي هٿن ۾ ايندي.

رشي دورانديش هوندا آهن. سڀ کان پهرين **رشي ديانند** ان غلط نظريي جي خلاف آواز اٿاريو. انهن اعلان ڪيو ته ”ڪنهن سنسڪرت جي ڪتاب يا تاريخ ۾ ناهي لکيل ته آريه ايران مان آيا ۽ هتان جي جهنگلي قبيلن سان لڙائي ڪري، فتح پائي، انهن کي نيڪالي ڏيئي هتان جي راجا ٿيا. پوءِ پرڏيهي ليکڪن جا ليک مستند ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟

اها ئي ڳالهه بنا پاسخاطري جي مغربي عالم ميور به چئي آهي.

“ I must, however, begin with candid admission that, so far as I know, none of the Sanskrit books, not even that most ancient, contains any distinct reference or allusion to the foreign origin of the Aryans. There is no evidence or indication in the Rig-Veda of the words Dasa, Dasyu, Asura etc. having been used for non- Aryans or original inhabitants of India”

Muir: original Sanskrit text. Vol II

**ترجمو**:- اها پڪ آهي ته ڪنهن به سنسڪرت ڪتاب ۾، چاهي اهو ڪيترو به پراڻو ڇو نه هجي، آرين جو پرڏيهي هجڻ جو ذڪر نٿو ملي. رگ ويد ۾ جن داس، دسيو ۽ اسر جهڙن نالن جو ذڪر آهي اهي اڻ آرين يعنيٰ هتان جي مقامي ماڻهن لاءِ استعمال ڪيا ويا هجن اهڙو ڪو ثبوت يا اشارو موجود نه آهي.

جڳ مشهور تاريخ دان ايلفنسٽن جي بيان سان به رشي ديانند جي مجتا جي تائيد ٿئي ٿي. ان ۾ لکيل آهي ته :-

" Neither the code of Manu, nor in the Vedas, nor in any book which is older the code of Manu, is there any allusion to the Aryan prior residence in any country outside India."

Elphinstion: history of India, Vol. I

**ترجمو**:- نه منوسمرتي ۾، نه ويدن ۾ ۽ نه منو سمرتي کان قديم ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ (برصغير ۾ اچڻ کان اڳ) آرين جو انڊيا کان ٻاهر ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ رهڻ جو ذڪر ملي ٿو.

آريه ٻاهريان آيا ۽ ڪول، دراوڙ، ڀيل، سنٿال وغيره ئي هتان جا بنيادي رهواسي هئا، اهو خيال سڀ کان پهريان "Cambridge history of India" ۾ ڏنو ويو هو.

ان کان پوءِ ان نظريي جو ڦهلاءُ ڪرڻ لاءِ بنارس ۽ لاهور کي مرڪز بڻايو ويو. بنارس ۾ **ٽي- ايچ- گرفٽ** کي بنارس ڪاليج جو پرنسپال بڻايو ويو. لاهور ۾ اورينٽيل ڪاليج جي پرنسپال جي عهدي تي **ايم- سي بلنر** کي مقرر ڪيو ويو.هن ڪاليجن ۾ سنسڪرت ۾ ايم- اي ڪرڻ وارن شاگردن (خاص طور برهمڻن) کي وڏيون اسڪالرشپس ڏيئي آڪسفورڊ



موڪليو ويندو هو. اتان سکيا وٺي واپس آيل شاگردن کي هٿ هُٿ پرنسپال يا اعليٰ درجي جو پروفيسر بڻايو ويندو هو. لاهور ۽ بنارس ۾ به آڪسفورڊ ۾ تيار ٿيل ڪتابي ڪورس مقرر ڪيو ويندو هو.

انگريزن اهو به محسوس ڪيو ته جيستائين ويدڪ ڌرم جي بنياد کي ڪمزور نه ڪيو ويندو تيستائين اهي پنهنجي مقصد ۾ مڪمل طور ڪامياب نه ٿيندا. ان لاءِ ويدڪ ادب کي بگڙيل روپ ۾ پيش ڪرڻ ضروري هو. ان ڪم جي لاءِ ڪرنل بوڊن نالي شخص وڏي رقم آڪسفورڊ يونيورسٽي کي ڏني. اهو صحيح آهي ته پرڏيهي عالمن هتان جي نه هوندي به سنسڪرت ادب ۾، خاص طور ويدڪ ادب ۾ قابلِ تعريف محنت ڪئي. پر نسلي فرق ۽ شاسترن جي باري ۾ ڳوڙهو اڀياس نه هئڻ سبب اهي ويدڪ ادب کي ان جي حقيقي روپ ۾ پيش نه ڪري سگهيا. پرڏيهين جنهن مقصد کي نظر ۾ رکي اسان جي ادب لاءِ ايتري محنت ڪئي، ان جي معلومات مونيئر وليمز پاران پنهنجي سنسڪرت- انگلش ڊڪشنري جي مهاڳ ۾ لکيل هن جملن مان ملي ٿي.

" That the special object of his munificent bequest was to promote the translation of the scriptures into English, so as to enable his countryman to proceed in the conversion of the natives of India to the Christian Religion."

مطلب هي آهي ته **مسٽر بوڊن** جي ٽرسٽ پاران سنسڪرت جي ڪتابن کي انگريزي ۾ ترجمو هندوستانن کي عيسائي بڻائڻ مدد پهچائڻ لاءِ ٿي رهيو آهي.

اهو ئي مونيئر وليمز پنهنجي ڪتاب " The study of Sanskrit

in relation to missionary work in india ( 1861)” ۾ **لکن ٿا**:

“When the walls of the mighty fortress of Hinduism are encircled, undermined and finally stormed by the soldiers of the cross, the victory of Christianity must be signal and complete.”

مطلب هي آهي ته مونيئر وليمز جي سڄي محنت هندو ڌرم کي ختم ڪري عيسائيت جو جهنڊو ڦڙڪائڻ لاءِ هو.

سنسڪرت جي يورپي عالمن ۾ **لارڊ ميڪالي** پاران مقرر **پروفيسر ميڪس مولر** سڀ کان اعليٰ مڃيو وڃي ٿو. ان جي ويدن جي تحقيق ۽ ترجمي ۾ ڪرڻ جو ڪهڙو مقصد هو، اهو انهن پنهنجي گهر واري کي لکيل خط ۾ واضح ڪيو آهي.

“ This edition of mine and the translation of the veda will hereafter tell to a great extent on the fate of india. It is the root of their religion and to show them what the root is, i feel I sure, is the only way of uprooting all that has sprung from it during the last three thousand years.” (life and letters of Frederick Maxmuller, Vol. I chap. XV, page 34.)

يعنيٰ منهنجو هي مسودو ۽ ويد جو ترجمو ڀارت جي قسمت کي ڏگهي عرصي تائين متاثر ڪندو. هي انهن جي ڌرم جو بنياد آهي انهن کي اهو ڏيکارڻ ته اهو بنياد ڪهڙو آهي، گذريل 3 هزار سالن ۾ پيدا ٿيندڙ سڀ ڳالهين کي پاڙ سميت پٽي سٽڻ جو اڪيلو اپاءُ آهي.

ڀارت لاءِ سيڪريٽري کي 16 ڊسمبر 1868 ۾ لکيل پنهنجي خط ۾ ميڪس مولر لکيو:-

“The ancient religion of India is doomed. Now, if



Christianity does not step in whose fault will it be?” (Ibid, Vol.I chap. XVI, p. 378)

يعنيٰ هندوستان جو پراڻو مذهب تباهي جي ڪناري تي آهي. هاڻي جيڪڏهن عيسائيت ان جي جڳهه نه ٿي وٺي ته ان لاءِ ڏوهي ڪير آهي؟”

**ميڪس مولر** جي ڪوشش جي ساراهه ڪندي ان جي گهاٽي دوست **مسٽر اي- بي- پسي** پنهنجي خط ۾ ڪيس لکيو:-

“your work will, mark a new era in the efforts for the c**onvers**ion of India.”

يعنيٰ توهان جو ڪم هندوستانن کي عيسائي بڻائڻ جي ڪوشش ۾ نئين دور جي شروعات هوندي.

اهڙي ريت انگريزن ۽ انگريزي سکيا جو مقصد هندستاني ماڻهن کي پنهنجي قديم ادب، تاريخ، تهذيب ۽ تمدن لاءِ اشرڌا بي/ اعتمادي ۽ نفرت پيدا ڪرڻ هو. ويدن جي متعلق جيڪو نظريو انهن پيش ڪيو ان جي ذريعي اهي ويدن کي ريڍارن جا گيت يا جهنگلين جي بڙ بڙاهٽ ثابت ڪرڻ سان گڏوگڏ پاڻ ۾ وڙهائڻ ۽ ايڪي ۽ اتحاد کي ڌڪ رسائڻ ۾ ڪامياب ويا. انهن جي منصوبابندي سان ڪيل ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو جو آهستي آهستي هتان جا پڙهيل لکيل ماڻهو به انهن جي رنگ ۾ رنگجڻ لڳا ۽ مغربي نظريي جي پرچار ۽ ڦهلاءُ ۾ مددگار ثابت ٿيڻ لڳا. انهن هندوستانن ۾ اهو راڳ ڳائڻ شروع ڪيو جيڪو انگريز چاهن پيا. **لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ** جهڙا مفڪر ۽ محب الوطن به ان غلط فهمي جا شڪار بڻجي ويا. انهن به آرين کي غير ملڪي حملا آور مڃيندي اتر قطب کان آيل ٻڌايو. انهن موجب اندازن 10 هزار سال اڳ اوپر اتر قطب ۾ برف

جو طوفان آيو ان سبب آريہ اتان پکا ۽ يورپ، وچ ايشيا، ايران ۽ هندوستان ۾ اچي آباد ٿيا. ان سوال جو جواب وٺڻ لاءِ بنگال جي مشهور عالم **اُميش چندر وديارتن تلڪ مهراج** جي گهر پونا پهتا. **وديارتن** پنهنجي ان ملاقات جو ذڪر ڪندي پنهنجي ڪتاب **"مانوير آدي جنم پومي"** صفحہ نمبر 124 تي لکن ٿا تہ گنگاڌر تلڪ مونکي ٻڌايو تہ مون ويد ڪونہ پڙهيا آهن. مون تہ صرف مغربي عالمن جو ڪيل ترجمو ئي پڙهيو آهي.

اتر قطب بابت پنهنجي مجتا جي حوالي سان گنگاڌر تلڪ لکيو آهي .

"It is clear that soma juice was extracted and purified at night in the Arctic."

يعنيٰ اتر قطب ۾ سوم رس رات جو ڪشيد ڪيو ويندو هو. ان جي وضاحت ڪندي **نارائڻ پواني پاوگي** پنهنجي ڪتاب **" آريہ ورتا تيل آرياچي جنم پومي"** ۾ لکيو آهي "پر اتر قطب ۾ تہ سوملتا پيدا ئي ناهي ٿيندي. اها تہ هماليہ جي هڪ حصي منجوان پهاڙ تي ٿيندي آهي"

**گنگاڌر تلڪ** چون ٿا تہ آريہ اتر قطب کان ايران ۽ ايران کان هندوستان پهتا. پر ايران جي اسڪولن ۾ پڙهايو ويندو هو تہ آريہ هندوستان مان اچي ايران ۾ رهي پيا. **"چند هزار سال پيش از زمانہ ماضيرا بزرگي از نژاد آريہ از کوهہ هائہ کف کاز گزشت برسر زميني ڪ امروز مسکني ماست قدم نهادند. بہ چُون هوايہ ئي سر زميرا موافق تبع خود يافتند درين جا مسکني گزيدند و آن را بنام خيش ايران خيادند"**

ڏسو جگرافيا پنج قطع بنام تدريس درسال پنجم ابتدائي صفع 78 ڪالم 1 مطبع درسنهہ تهران سن هجري 1309 سين اول و چهارم ازطرف وزارت معارف و شرشدهہ.



مفهوم اهو آهي تہ ڪجهہ هزار سال پهرين آريہ هماليہ کان لهي آيا ۽ ايران جي آبهوا موافق سمجهي ايران ۾ پر رهي پيو ان حوالي مان سوامي ديانند پاران پيش ڪيل تبت ۾ دنيا جي شروعات ٿيڻ ۽ اتان ئي آرين جو هيڏانهن هوڏانهن ڦهلجي وڃڻ واري نظريي جي تائيد ٿئي ٿي. ايران جا بادشاهہ هميشہ پنهنجي نالي سان گڏ **"آريہ مهر"** جو لقب لڳائيندا هئا. فارسي ۾ مهر سج کي چوندا آهن. ايران جا ماڻهو پاڻ کي سوريہ ونشي آريہ مڃيندا رهيا آهن.

سياسي اعتبار سان آزاد ٿيڻ باوجود بہ مغربي آقائن جي نظرياتي پٽن جي اکين تي انهن جو ڏنل چشمو اڄ بہ جيئن جو تيئن چڙهيل آهي. مشهور ليکڪ **ڪي- ايم منشي** پنهنجي ڪتاب **"لوپ مدرا"** ۾ قديم آرين بابت لکيو آهي:-

"انهن جي ٻولي ۾ اجان بہ جهنگلي ٻولي جي ياداشت موجود هئي. گوشت بہ کاڌو ويندو هو ۽ ڳئون جو پڻ. مهمان کي ڳئون جو گوشت کارائڻ واري کي اعليٰ لقب ڏنا ويندا هئا. رشي سوم رس پي نشي ۾ چُور رهندا هئا ۽ لالچ ۽ کاوڙ جو اظهار ڪندا هئا. رشي لڙائي جي ميدان تي هزارن ماڻهن جو قتل ڪندا هئا. اهي خوبصورت عورتن کي مائل ڪرڻ لاءِ منتر ڻاهيندا رهندا هئا. ڪنواري عورت مان پيدا ٿيل ٻار نيچ ۽ ڪريل نہ مڃيا ويندا هئا. ڪيترن ئي رشين کي پنهنجي پيءُ جو پتو نہ هو. آريہ بگهڙن وانگر لالچي هئا. بي رحمي ۽ بداخلاقي جو ڪوئي خيال نہ هو. روح جو ڪوئي ويچار نہ هو. ايشور جو تصور نہ هو، نالو نہ هو، مجتا نہ هئي. وطن جو تصور نہ هو. دسيو هندوستان جا بنيادي رهواسي ۽ شو جا پوڄاري هئا"

ڪتاب جي مهاڳ ۾ شري منشي لکيو آهي تہ انهن جيڪو ڪجهہ

لکيو آهي رگ ويد جي آڌار تي لکيو آهي. اسان خط لکي ان کان انهن ويد منترن جو حوالو ڏيڻ تي زور ڀريو جن جي آڌار تي انهن پنهنجي ڪتاب ۾ اهو سيڪجهه لکيو آهي جواب ۾ انهن پنهنجي خط تاريخ 2 فيبروري 1950 ۾ لکي موڪليو ته:-

" I believe the Vedas to have been composed by human beings in the very early stage of our culture and may attempt in this book has been to create an atmosphere which I find in the Vedas as translated by western scholars and as given in Dr. Keith's Vedic index. I have accepted their views of life and conditions in those times."

يعنيٰ مان ويدن کي پنهنجي تهذيب جي شروعاتي وقت ۾ انسانن پاران ٺاهيل مڃان ٿو. مان پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهه لکيو آهي، ان جو آڌار مغربي ليکڪن خاص ڪري **ڊاڪٽر ڪيٿ** پاران ڪيل ويدن جو ترجمو آهي. مان ان وقت جي ماڻهن جي زندگي ۽ رهڻ سهڻ وغيره جي باري ۾ انهن کي ئي ثبوت طور قبول ڪريان ٿو.

**سائڻ** ۽ ان جي پيروڪار مغربي توڙي هندوستاني عالمن نرڪت جي طريقِ ڪار کي نظرانداز ڪري مروج سنسڪرت جي سهاري ويدن جو ترجمو ڪرڻ جو اهو غلط نتيجو نڪتو ته اسان سڀ دنيا ۾ منهن ڏيکارڻ جي قابل نه رهياسين. يوگڪ (تمثيلي) مطلب نه ڏيئي رواجي معنيٰ جي آڌار تي ويدن کي دلچسپ قصن ڪهاڻين جو ڪارو ٻٽائي ڇڏيو. اهڙي ريت اسان جي دماغ روپي زمين ۾ ويدن جي لاءِ بي اعتقادي جا پٿريلا پهاڙ بيهي رهيا.



# ويدن ۾ تواريخ

ويدن جي ٽنهي زمانن جي حدن کان ٻاهر هئڻ ڪري ويد مان ڪنهن تواريخ متعلق احوال ملڻ جو امڪان نٿو ٿي سگهي. انڪري ويد جي حوالن کي ڏسي ڪري هڪ ٻن لفظن جي آڌار تي ڪيو ويندڙ ڪوبه فيصلو دليل تي پورو نٿو لهي سگهي. **لوڪ مانيه تلڪ** ويد ۾ بيان ڪيل ڪجهه نڪشترن جي خاص حالت جي آڌار تي ويد جي وقت جو اندازو ڪيو آهي. انهن پنهنجي ڪتاب اورين (Orion) ۾ لکيو آهي ته رگويد جي 10 منڊل جي 86 هين سوڪت ۾ وسنت سمپات جو مرگ شيرش نڪشتر ۾ هجڻ جو ذڪر آهي. مرگ شيرش نڪشتر موجوده وقت ۾ اتر ڀادرپدا کان 6 نڪشتر اڳ ۾ آهي. وسنت سمپات کي هڪ نڪشتر کان ٻئي نڪشتر ۾ وڃڻ لاءِ 960 سال لڳندا آهن. هن حساب سان مرگ شيرش نڪشتر ۾ وسنت سمپات اڄ کان لڳ ڀڳ 6 هزار سال (960x6) اڳ رهيو هوندو. اهو ئي هن سوڪت جي سبب ويد جي رچنا جو وقت آهي. عام طور تي اهو دليل مناسب محسوس ٿئي ٿو. پر ٿورڙو گهرائي ۾ وڃڻ تي ان جي حقيقت صاف ٿي وڃي ٿي. نڪشترن جو ڪل تعداد 27 آهي. اهڙي ريت هر 25920 (960X27) سالن بعد وسنت سمپات چڪر لڳائي وري پنهنجي جاءِ تي اچي ويندو آهي. جيڪڏهن عيسيٰ کان لڳ ڀڳ 6 هزار سال اڳ وسنت سمپات مرگ شيرش نڪشتر ۾ هو ته ان کان لڳ ڀڳ 26

هزار سال اڳ يعنيٰ اڄ کان لڳ ڀڳ 32 هزار سال پهرين ٻه انهي نکشتر هو. ان کان اڳ 26 هزار سال پهرين وسنت سمپات مرگ شيرش نکشتر ۾ ايندو رهيو. ڪائنات جي لڳ ڀڳ 2 ارب سالن جي قيام ۾ ڪيترا دفعا اها حالت آئي. سومر هر ستن ڏينهن کان بعد ايندو آهي. تڏهن صرف سومر چوڻ سان اڄ کان هڪ هفتو اڳ ئي سومر چو سمجهيو وڃي؟ هڪ مهينو، هڪ سال يا سؤ سال پهرين جو سومر ٻه چو نه سمجهيو وڃي. ويدن ۾ ذڪر ڪيل نکشترن جي قيام جي حالت اڄ کان 6 هزار سال اڳ جي ئي آهي، ان کان اڳ جي ناهي- ان جي لاءِ ڪو مناسب دليل ناهي. اڄ کان لڳ ڀڳ 20 هزار سال بعد (26000-6000) وسنت سمپات وري مرگ شيرش نکشتر ۾ ايندو. تڏهن ان کان 5 سال پوءِ پيدا ٿيڻ وارو عالم ان دليل جي آڌار تي ويد کي پاڻ کان صرف 5 سؤ سال اڳ جو ئي ثابت ڪندو. حقيقت ۾ ويد ۾ ڪنهن به طرح جي تواريخي يا جاگرافيائي اشارا نه هجڻ ڪري ان طرح جا سيئي خيال مفروضن تي ٻڌل آهن.

تواريخي شخصن ۽ جاگرافيائي هنڌن جا نالا الڳ الڳ جڳهن تي ملڻ ڪري ڀلي اهي تواريخ هجڻ جو گمان پيدا ڪن پر جڏهن انهن کي حوالن سان اڳ پوءِ جو تعلق جوڙي انهن کي ملائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته حقيقت جي اُبتڙ هجڻ ڪري انهن جي نام نهاد تواريخي حيثيت هڪ دم گم ٿي ويندي. پنهنجي ڳالهه کي واضح ڪرڻ لاءِ آءٌ هتي ڪجهه مثال پيش ڪريان ٿو:-

1. اٿرو ويد (13/3/26) ۾ آيو آهي ته:- " **ڪرشٽا ياه پترو ارجنهه**" اتفاق سان هن منتر ۾ ڪرشٽا (دروپدي) جي پٽ ارجن جو ذڪر



محسوس ٿئي ٿو. جيڪڏهن حقيقت هجي ها ته ارجن کي دروپدي جو مڙس ٻڌائڻ گهربو هو جيئن مهاڀارت ۾ لکيل آهي. ان پدن جو يوگڪ مطلب ڪڍڻ سان حقيقت صاف ظاهر ٿي وڃي ٿي. شٽپٿ برهمڻ گرنٿ مطابق ڪرشٽا رات جو نالو آهي ۽ رات مان پيدا ٿيڻ واري ڏينهن جو نالو ارجن آهي اهڙي ريت هتي ڪرشٽا لفظ مان مهاڀارت واري دروپدي ۽ ارجن لفظ مان مهاڀارت وارو ارجن وٺي نٿو سگهجي.

2. "**اهشچ ڪرشٽم هرر جنم چ**"(رگ ويد 6/9/1 ) هتي ڪرشڻ ۽ ارجن هڪ ئي شخص جا نالا آهن جڏهن ته تواريخ (مهاڀارت) جي مطابق اهي ٻه الڳ الڳ شخص هئا. حقيقت ۾ هتي ڪرشڻ ۽ ارجن ٻئي ڏينهن جا نالا آهن.
3. يجر ويد (23/18) ۾ امباء امبيڪا ۽ امباليڪا ٽنهي نالن کي هڪ ئي وقت ڏسي ڪري اهو چيو ويندو آهي ته اهي ٽيئي چوڪريون آهن جنهن کي ڀيشم پتامهه ڀڄائي وٺي ويو هو، پر انهن کي ڪامپيل- واسني يعنيٰ ڪامپيل ۾ رهڻ واريون چيو ويو آهي، جڏهن ته مهاڀارت ۾ انهن ٽنهي کي ڪاشي جي راجا جون ڌيئر ٻڌايو ويو آهي. حقيقت ۾ اهي لفظ ماءُ، ڏاڏي ۽ پرڏاڏي کي ظاهر ڪندڙ آهن. يا يجر ويد 12/76 ۽ 3/57 ۾ اهي علمِ طب (آير ويد) موجب اهي جڙي ٻوٽين جا نالا آهن.

اها ئي حالت جاگرافيائي اشارا محسوس ٿيڻ واري لفظن جي آهي.

يجر ويد 34/11 ۾ منتر آيو آهي.

## پـنچ نـديهہ سـرسوتيمپي ينتِ سَسروتَهہ سرسوتي ٿُ پنچڌا سو ديشي ڀَوت سَرِت.

هن منتر ۾ پنجن ندين جو ذڪر هجڻ ڪري هتي پنجاب يعنيٰ هڪ مخصوص علائقي جو ذڪر ٻڌايو ويندو آهي. سڀني کي خبر آهي تہ نہ تہ سرسوتي نالي واري ندي پنجاب ۾ وهندي هئي ۽ نہ پنجاب جون مشهور پنج نديون سرسوتي ۾ ملنديون هيون ۽ نہ سرسوتي ئي پنجن وهڪرن ۾ وهندي هئي. سچائي اها آهي تہ هن منتر ۾ پنج گيان اندرين (حواسِ علمي) ذريعي حاصل ٿيل علم ۽ ذهن جي پنجن وهڪرن جو اثر هيٺ رهي زبان ذريعي انيڪ طرحن سان ظاهر ٿيڻ جو ذڪر آهي.

رگ ويد (10/75/05) جي جنهن منتر جي آڌار تي آرين کي سپت سنڌو (ستن ندين واري) علائقي ۾ رهڻ وارو مفروضو ٻڌايو وڃي ٿو، اتي ستن جي بجاءِ ڏهن ندين جا نالا ڏنا ويا آهن. ان کان مٿين منتر ۾ لکنوءَ جي ڀرسان وهندڙ گومتي جو نالو بہ آيو آهي. منتر هن ريت آهي.

## امم مي گنگي يمني سرسوتي شُتُدِر ستومم سچتا پرشٽيا اسي، ڪنيا مَرُد ورڌي وتستيار جيڪيي شرڻ هيا سشوميا

ڀاڳيرٿ پاران گنگا ندي جي کوٽائي کان گهڻو اڳ ويدن جو وجود عمل ۾ اچي چڪو هو. گومتي جي ڳُٽپ تہ نئين ندين ۾ ڪئي وڃي ٿي. ان لفظن کي ندين جا نالا مڃي ان جو جوڙ وهاري نٿو سگهجي.
جاگرافيائي بيان سان انهن منترن جو ڪوئي تعلق ناهي. حقيقت ۾ هتي



روحاني مخرج ۽ جسم جي اڙا، پنگلا وغيره ناڙين جو ذڪر آهي. ڪافي وقت ڪانپوءِ انهن منترن مان لفظ ڪٽي ندين تي رکيا ويا. ويدن مان دنياوي شين جا نالا رکيا ويا آهن نہ ڪ دنيا مان ويد ۾.

اهو سڀ لکڻ مان منهنجي مراد اها آهي تہ ويد ۾ آيل لفظن جا اتفاق سان تواريخي ۽ جاگرافيائي اشارا ملڻ ڪري ان جي آڌار تي آرين جو غير مقامي هجڻ جو فيصلو ڪرڻ مناسب نہ آهي.
ڪجهہ سال ٿيا يونيسڪو جي انتظام هيٺ ٿيندڙ هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ هندوستان جي نمائند ڪندڙ ست رڪني ڪاميٽي يڪراءِ تي آرين جي ايران کان اچي هندوستان ۾ رهڻ جي موضوع تي اختلاف ڪيو هو جنهن ۾ انهن آرڪيالاجي تحقيق جي بنياد تي ٻڌايو تہ ان ڳالهہ جي هڪ بہ شاهدي ناهي ملي جنهن مان آرين جو ڪٿان ايران، افغانستان يا وچ ايشيا مان اچي ڀارت تي زبردستي قبضو ڪرڻ ثابت ٿيندو هجي.

هن علائقي جو سڀ کان پراڻو نالو آريہ ورت آهي. جتي بہ ماڻهن جو رهڻ ٿيندو آهي ڌرتي جي ان ٽڪري کي ڪنهن نہ ڪنهن نالي سان ضرور سڃاتو ويندو آهي. آرين جي اچڻ کان اڳ جيڪڏهن هتي دراوڙن وغيره جو رهڻ ٿيو هجي ها تہ انهن جي ٻولي ۽ ادب ۾ ان علائقي جو ڪو نہ ڪو نالو ضرور ملي ها. ان طرح جو ڪوئي ثبوت نہ ملڻ ڪري صاف ظاهر آهي تہ آرين پاران هن ملڪ تي حملو ڪرڻ جي ڳالهہ بلڪل غلط آهي.

T.burrow جهڙي مشهور آرڪيالاجي جي ماهر لکيو آهي تہ
“The Aryan invasion of India is recorded in no written document and it cannot yet be traced archaeologically.”

Quoted from the early Aryans published in cultural History of India, edited by A. L. Basham, published by clarandon press oxford, 1975.

مطلب تہ آرين جو ٻارت تي حملي جي مجتا جو ڪوبہ ثبوت نہ آهي ۽ نہ ان ڪي آرڪيالاجي جي مدد سان ثابت ڪري سگهجي ٿو.

هن موضوع تي خاص طور سنڌو گهاٽي ۽ هڙاپا تهذيب جو راڳ ڳايو ويندو آهي. هڙاپا ۽ موهن جو دڙو ۾ ان مقصد سان ڪيل کوٽائي (Excavations) مان ملندڙ آثارن آذار تي اها دعويٰ ڪئي ويندي آهي تہ اها هن ملڪ جي قديم ترين تهذيب آهي. ان جي تنزل کان پوءِ ئي آرين جو اچڻ ٿيو هو. هن موضوع تي آءٌ پنهنجي طرفان ڪجهہ نہ چئي موهن جي دڙي جي کوٽائي مان مليل هڪ نپي (مهر) جي شڪل ڏيئي رهيو آهيان جيڪا پنهنجي ڪهاڻي پاڻ ٻڌائيندي نظر اچي ٿي.



**موهن جي دڙي مان هٿ آيل هڪ مهر**

هن شڪل ۾ وڻ تي وينل بہ پکي نظر اچي رهيا آهن جن مان هڪ ميوو کائي رهيو آهي، جڏهن تہ ٻيو صرف ڏسي رهيو آهي.



رگ ويد جو هڪ منتر (1/164/20) هن ريت آهي.

**دوا سُپرڻا سَيُجا سکايا سمانم ورکشم پر شَسوَجاتي**

**تيورنيہ پپلم سُوادتينشننيو اپيچا ڪشيتِ**

هن منتر جو مفهوم هي آهي تہ هڪ (دنيا روپي) وڻ تي ٻہ (لڳ ڀڳ هڪجهڙا) پکي وينا آهن. انهن مان هڪ انهن کي ڀوڳي رهيو آهي (يعنيٰ وڻ جو ميوو کائي رهيو آهي) جڏهن تہ ٻيو صرف ڏسي رهيو آهي. ظاهر آهي تہ موهن جي دڙي کوٽائي مان حاصل ٿيل شڪلين ۾ جيڪو ڪجهہ ڏيکاريو ويو آهي تنهنجو بنياد مٿي بيان ڪيل منتر آهي. اهو آهي تہ دنيا ۾ رگ ويد کان پراڻو ڪوئي ڪتاب نہ آهي. مصور پاران ٺاهيل تصوير مان پهرين رگ ويد جو وجود ثابت آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائي مان ان تصوير جو ملڻ ويدن کي (گهٽ ۾ گهٽ رگ ويد کي) هڙاپا ۽ موهن جو دڙو جي تهذيب کان اڳ جو هجڻ ثابت ڪري ٿو. ويد آرين جا گرنٿ آهن، انڪري سڀ کان اڳ آرين جو هجڻ ثابت آهي. آرڪيالاجي کاتي سان تعلق رکندڙ منهنجي هم ڪلاس دوست جو چوڻ آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ هڙاپا ۽ آرين جي تهذيب هم عصر هجي. مجبوري تحت جيڪڏهن اهو مڃيو بہ وڃي تہ بہ آرين کان پهرين ڪنهن ٻئي جو هجڻ جو تصور غلط ثابت ٿئي ٿو.

انهي موضوع تي انڊين ايڪسپريس (نئي دهلي، 3/8/85 ) ۾ ڇپيل هي بيان انتهائي اهم آهي.

"Mr. Vishnu shridhar vakankar, former Head of the Archaeology Department of Ujjain (Vikram) University claimed here on Thursday that he had successfully made a break through in solving the mystery of the writing of the seals found in the Indus valley civilization of Harappa and Mohen-jo-daro. He claimed that the Indus Valley civilization script was original to India and its roots are found in the Aryan civilization."

He challenged foreign claims that the Indus valley civilization was non- Aryan by stating that recent results were based on computers.

**ڊاڪٽر واڪنڪر** پنهنجي ٻئي بيان ۾ جيڪو ٽائيمز آف انڊيا (**احمداباد** 22/12/85 ) ۾ ڇپيو هو.

" His survey (conducted by 30 experts draws from different disciplines like archaeology, geology, history, folklore etc.) when completed might even drastically change the popular conception among historians that Aryans invaded India from Central Asia, etc."

يعنيٰ اجين (وڪرم) يونيورسٽي ۾ آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ جي اڳئين **صدر وشنو شريڌر واڪنڪر** 30 ماهرن جي مدد سان سنڌو ماٿري جي تهذيب سان تعلق رکندڙ آثارن تي تائين تحقيق ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته هڙاپا جي تهذيب جو بنياد آرين جي تهذيب ۾ هو، يعنيٰ هڙاپا جي تهذيب کان آرين جي تهذيب پراڻي هئي. انهن جي ويچار ۾ هڙاپا جي تهذيب آرين جي تهذيب جو ئي حصو هئي. اهو نتيجو انهن ڪمپيوٽر جي مدد سان ڪڍيو هو. **ڊاڪٽر واڪنڪر** جو اهو به چوڻ آهي ته جڏهن انهن



جي تحقيق جو ڪم پورو ٿي ويندو ته اهو آرين کي غير مقامي حملا آور مڃڻ واري نظريي کي ڪوڙو ثابت ڪري سگهندو.

1960 ۾ سڀ کان پهرين ڊاڪٽر فتح سنگهه سنڌ جي لپي (رسم الخط) کي ڪاميابي سان پڙهيو هو. انهن ان وقت لڳ ڀڳ 2500 مهرون پڙهي ورتيون هيون، جنهن جي آڌار تي "**راجستان پراچيه وديا پرتشٺان**" جوڌپور کان ڇپجڻ واري پتريڪا ۾ انهن ڪيترائي ليک لکيا هئا. **ڊاڪٽر فتح سنگهه** جي کوجنا جي آڌار تي هڪ ليک **ڊاڪٽر پدمڌر پاٺڪ** "هندوستان ٽائيمز" ۾ انهن جي حمايت ۾ لکيو هو. هن کان بعد هڪ خط ۾ ڪيمبرج جي **ڊاڪٽر الچن مدير** خط لکي انهن کي خبردار ڪيو هو ته **ڊاڪٽر سنگهه** جي کوجنا سان ته آريه ۽ دراوڙ تهذيب جو فرق ئي نه رهندو. انيڪ عالمن آرين جي مقامي هئڻ جي نظريي جي تائيد ڪئي آهي. انهن جن دليلن جي سهاري پنهنجي نظريي جي حمايت ڪئي آهي انهن مان ڪجهه هي آهن.

1. هڪ ملڪ کي ڇڏي ٻئي ملڪ ۾ وڃي رهڻ واري قومن کي صدين تائين پنهنجي بنياد جي ياداشت رهندي آهي. ڀارت ۾ رهندڙ پارسين کي 800 سؤ سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ پنهنجي وطن جي يادگيري قائم آهي. قديم مصرين ۽ فنيشن کي پنهنجي پنهنجي وطن جي يادداشت آهي. ڀلي ئي اهي ان جي نيڪ نيڪ حالت ٻڌائي نه سگهن. پر ويدڪ آرين کي پنهنجي وطن جي ڪا به يادداشت ناهي. اهي سدائين هن ملڪ کي پنهنجو سمجهندا آيا آهن.
2. ويدڪ ادب قديم ترين ادب آهي. جيڪڏهن آريه ٻاهران اچي هتي

رهيا ته کھڙو سبب آهي جو جتان به اهي آيا، ان ملڪ ۾ انهن جو ادب ڪونه نٿو ملي. اتي انهن جا ڪجھ حصا ته ملڻ گهرجن ها. اهو چوڻ ته آرين جي شعور ۾ واڌارو ڀارت ۾ اچي ٿيو، صحيح ڪونه نٿو لڳي. ان جي بنسبت اهو چوڻ وڌيڪ مناسب رهندو ته ڀارت ۾ رهندڙ آرين مان ئي ڪجھ ماڻهو ٻاهر ويا. اهي اهڙا عام ماڻهو هئا جن جي تهذيبي ارتقا عام درجي جي هئي تنهنڪري اهي جتي وڃي رهيا اتي جي ماڻهن کي اعليٰ درجي جو ادب ۽ تهذيب نه ڏئي سگهيا.

3. رگ ويد ۾ موجود جاگرافيائي اشارن مان به محسوس ٿئي ٿو آريه بنيادي طور پنجاب جي ڀرپاسي ۾ رهڻ وارا هئا.
4. يورپ جي ڪنهن ٻولي ۾ آريه لفظ جو ڪوئي بگڙيل روپ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جيڪڏهن اتي ڪٿي آرين جو وطن هجي ها ته انهن جي ٻولي ۾ آرين سان ملندڙ جلندڙ ڪوئي لفظ ضرور هجي ها.
5. ڀارت ۾ مروج ”اناڙي“ لفظ تاريخي حيثيت ڀريو آهي. اهو لفظ ”اناريه“ جو بگڙيل روپ آهي. جهڙي ريت آريه لفظ سٺي ۽ تهذيب يافته شخص لاءِ استعمال ٿئي ٿو، انهي ريت اناريه مان بگڙيل لفظ اناڙي يا جاهل، بي سمجھ يا بي تهذيب ماڻهو لاءِ استعمال ٿيندو آهي.
6. سنسڪرت سيني ڀارتي ٻولين جو بنياد آهي. ڏکڻ هندوستان (جتان جي ماڻهن کي آرين جي اچڻ کان اڳ جو مقامي رهواسي ٻڌايو ويندو آهي) جي ٻولي ۾ 75 کان 90 سيڪڙو لفظ سنسڪرت جا



آهن. جيڪڏهن سنسڪرت غير مقامي آرين جي ٻولي آهي ته انهن جي اچڻ کان گهڻو پهرين هتي رهندڙ مقامي ماڻهن جي ٻولي ۾ 75 کان 90 سيڪڙو لفظ ڪٿان اچي ويا؟

# آريہ ۽ دسيو

مغربي نظريي جي غير ملڪي ۽ انهن جي پيروڪار مقامي ليڪڪن جي مطابق رگ ويد ۾ آريہ ۽ داس يا دسيو لفظ الڳ الڳ قومن کي بيان ڪندڙ آهن. انهن جو چوڻ آهي تہ آريہ هتان جا مقامي رهواسي نہ هئا. هتان جي قبائلي جن کي ويد ۾ داس يا دسيو نالي سان سڏيو ويو آهي اهي ڪول، دراوڙ، سنٿال ۽ ڀيل وغيره هتان جي مقامي رهواسي هئا. آرين جو ڌرم، تهذيب، رنگ روپ، شڪل، ٻولي وغيره الڳ هئي. مقامي ذاتين جو رنگ ڪارو هو، انهن جو نڪ چپٽو هو ۽ اهي لنگ جي پوڄا ڪندڙ هئا. آرين سان سدائين انهن جي جنگ ٿيندي رهندي هئي. آريہ تيز دماغ هئا، ان جا هٿيار بہ بهتر هئا، انڪري اهي اڪثر مقامي ماڻهن تي فتح حاصل ڪندا هئا ۽ انهن کي پنهنجو داس بڻائي ڇڏيندا هئا. انهن ئي مقامي رهواسين جي لاءِ ويد ۾ داس ۽ دسيو جهڙن نفرت انگيز لفظن جو استعمال ڪيو ويو آهي. ويدڪ ڌرم جي بگاڙڻ، انگريز حڪومت کي مضبوط بڻائڻ ۽ مقامي رهواسين کي پنهنجي نظريي جو پوئلڳ بڻائڻ لاءِ ئي ان طرح جون غلط ڳالهيون ڦهلايون ويون جن جي نتيجي ۾ نہ ڄاڻ ڪيترين مصيبتن جو منهن ڏسڻو پيو آهي. حقيقت ۾ ويد ۾ آيل آريہ ۽ دسيو وغيره لفظ ذات کي بيان ڪندڙ نہ پر گڻن کي ظاهر ڪندڙ آهن. ڪن ڄاڻي ٻجهي ۽ ڪن ويدن جي ڳوڙهہ ڳالهين کي نہ سمجهڻ ڪري انهن لفظن جو ابتو مطلب وٺي اسان کي تباهي جي رستي تي ڇڏي ڏنو ويو آهي.



مشهور عالم پرنسپال پي- ٽي شري نواس اينگار پنهنجي ڪتاب "Dravidian studies" ۾ لکيو آهي:-

" The Aryas and Dasyus are referred to not as indicating different races. These words refer not to race but to cult. The Dasyus are without rites, fireless, non-sacrifices, without prayers, without ricks etc. Thus the difference between Aryans and Dasyus was not one of race, but of cult."

اهڙي ريت **شري اينگار** آريہ ۽ دسين جي فرق کي ذاتين جو فرق نہ مڃي گڻن ۽ ڪرم ۽ عادتن تي انحصار رکندڙ مڃيو آهي. انهن جي بيان جو آڌار رگ ويد (8/70/11) جو هي منتر محسوس ٿئي ٿو.

**انيہ ورتم مانُشميج وانمديويماو سوهہ**

**سڪا دُڏُويت پروتهہ سُگهنايہ دسيم پروتهہ**

هتي دسيو جي خاصيت سچ، عدم تشدد، پراُپڪار وغيره جي ابتڙ خيالن وارو، غير انساني عمل ڪرڻ وارو، اعليٰ خاصيتن واري عالمن جي چاهنا وغيره نہ ڪرڻ وارو چيو ويو آهي.

ان مان ڪنهن ذات يا خاص قبيلي لاءِ نفرت يا حسد محسوس نٿو ٿئي.

مدراس يونيورسٽي جي **شري وي- آر رامچندر ديڪشتار** 29.30 نومبر 1940 ۾ مدراس يونيورسٽي ۾ ہ عام ليڪچر ڏنا هئا جيڪي ايڊيار لائبريري مان 1947 ۾ "origin and spread of the tamils" نالي ڪتاب جي روپ ۾ ڇپيو هو. اهي لکن ٿا تہ

"The fact is that the Dasyus were not non- Aryans. The theory that the Dasyus- Dravidians inhabited the Punjab and the Ganges valley at the time of the so called Aryans invasion of India and overcome by the latter, they fled so south India and adopted it as their home cannot stand."

Origin and spread of Tamils by V.R Ramchandra Diksitar P. 14

**يعنيٰ سچائي اها آهي تہ دسيو (ذاتين جي لحاظ کان) آرين کان گهٽ نہ هئا. اهو ويچار تہ دسيو ۽ دراوڙ پنجاب ۽ گنگا جي ماٿري ۾ رهندا هئا ۽ جڏهن آرين حملو ڪيو تہ اهي آرين کان هارائي ڏکڻي طرف ڀڄي ويا ۽ ڏاکڻي حصي کي ئي پنهنجو گهر بڻائي ڇڏيو ٺيڪ معلوم نٿو ٿئي.**

**مسٽر ميور بہ انهي نظريي جي تائيد ڪندي لکيو آهي تہ**

" I have gone over the name of Dasyus or Asuras motioned in the Rigveda with the view of discovering whether any of them could be regarded as of non- Aryan or indigenous origin, but I have not observed that appeared to be of this character."

Original Sanskrit Texts, Vol. II, P. 387

**يعنيٰ مون رگ ويد ۾ آيل دسيو ۽ اسر نالن تي ان نڪتہ نگاهہ سان ويچار ڪيو تہ ڇا انهن مان ڪنهن کي اناريہ يا مقامي ماڻهن لاءِ استعمال ڪيل مڃي سگهجي ٿو؟ پر مونکي اهڙو ڪوئي نالو نہ مليو.**

**رگ ويد** 09/63/05 **۾ چيل آهي تہ**

**اندرم ورڌنتو اپترهہ ڪرڻونتو**

**وشـومـاريـم. اپـگـهـنتو اراوڻهہ**



**پرماتما جو حڪم آهي تہ توهان روحاني طاقت کي وڌائيندي، باعمل ۽ غفلت کان آجا ٿي دان نہ ڪرڻ جي عادت کي ڇڏيندي سڄي سنسار کي آريہ بڻايو.**

**ان منتر ۾ سڀني کي آرين کي بڻائڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. جيڪڏهن آريہ ۽ دسيو جنم کان يا وراثت ذريعي ٿيندا هجن ها تہ انهن کي سڄاري آريہ ڪيئن بڻائي سگهجي پيو؟ هن منتر تي ويچار ڪرڻ سان ظاهر آهي تہ آرين بڻائڻ لاءِ ڪن مخصوص گڻن جو واڌارو ڪرڻ مطلوب آهي. ان مان اهو ظاهر آهي تہ جنهن ۾ اهي گڻ ناهن، جيڪو بي سمجهہ آهي، آلسي ڪنجوس آهي اهو آريہ ناهي. دسيو آهي. مقصد اهو آهي تہ آريہ ۽ دسيو لفظ جو تعلق ڪنهن ذات سان نہ پر گڻن سان آهي.**

## ويدڪ ادب ۾ آريہ لفظ جو استعمال

**وِ جاني هيار يانيي چہ دسيوو برهشمتي رنڌيا شاسدورتان**

**(رگ ويد 1/51/08 )**

**هن منتر ۾ آريہ لفظ دسيو جي ابتڙ/ ضد جي معنيٰ ۾ آيو آهي ۽ دسيو جي لاءِ صفت جي روپ ۾ "اورت" لفظ جو استعمال ٿيو آهي. ان مان آريہ لفظ مان اتم گڻن وارو ڀين جو پلو چاهيندڙ ماڻهو مقصود آهي. ويدن ۾ جتي جتي بہ آريہ لفظ آهي، هر هنڌ اعليٰ خاصيتن سان ڀرپور ماڻهو جو ئي بيان ڪندڙ آهي.**

امرڪوش (سنسڪرت ڊڪشنري جو نالو) 02/07/03 ۾ لکيل آهي
آريہ لفظ شريف، سني، تهذيب يافتہ، روحانيت پسند وغيره لفظن جو هم معنيٰ آهي. يوگ وشسٽ نرواڻ 126/54 ۾ چيل آهي تہ

”جيڪو پنهنجي فرضن کي سدائين بجا آڻي ٿو ۽ نہ ڪرڻ لائق عملن کان پاپن کان پري رهي ٿو. اهو آريہ چوائي ٿو.

ڪنهن عالم هينين انن گڻن سان ڀرپور ماڻهو کي آريہ نالي سان سڏيو آهي.

”يعنيٰ جيڪو عالم آهي، هميشہ صبر ڪرڻ وارو آهي، من (نفس) کي ضابطي ۾ رکي ٿو، سچار، حواسن کي قبضي ۾ رکندڙ، داني، رحمدل ۽ نماڻو آهي اهو آريہ چورائي ٿو.

**مهاڀارت** ۾ لکيل آهي تہ

”جيڪو هڪ ڀيرو ختم ٿي ويل دشمني کي وري وڌائي نٿو، جيڪو نہ غرور ڪندو آهي نہ ڪڏهن مايوس ٿيندو آهي، جيڪو پنهنجي سک ۾ ڦونڊجي نٿو ۽ ٻين کي دکي ڏسي خوش نٿو ٿئي، دان ڏيئي پڇتائي نٿو اهو آريہ سڏائي ٿو.

انهن خاصتين کي اپنائيندڙ ڪوئي بہ هجي اهو جنهن بہ ملڪ، نسل يا خاندان ۾ پيدا ٿيل هجي ۽ گورو، ڪارو يا ڪڻڪي رنگ جو هجي اهو آريہ چوائيندو.

ڀڳود گيتا ۾ جڏهن شري ڪرشن ڏٺو تہ ارجن موهہ جي وس ٿي ڪترين واري فرض ۽ اصول کان هٽي رهيو آهي تہ انهن ارجن جي ان هلت کي **”اناريہ جشٽ“** گيتا 2/2 چئي انکي ڏکاريو آهي.



**والميڪي رامائڻ** ۾ رام کي سيني لاءِ هڪجهڙي نظر رکندڙ ۽ سڀ کي چنڊ جيان پيارو نظر اچڻ سبب آريہ چيو ويو آهي.

ٻالڪانڊ 01/16 . ايوڌيا ڪانڊ (13/05) رام کي جهنگ موڪلڻ جي ڪيڪئي جي گهر سبب دشرٿ ان کي ”اناريہ“ چئي مخاطب ٿيو آهي.
وري پاڻ مهرشي والميڪ بہ رامائڻ 19/19 ۾ ساڳي سبب ڪري ڪيس ”اناريہ“ چئي ان کي نِنديو آهي.

مهاتما ٻڌ بہ سني ماڻهن لاءِ هر هنڌ آريہ لفظ جو استعمال ڪيو آهي. ان جو بيان ڪندي ان جو نشانيون هن طرح ٻڌايون آهن.
يعنيٰ ساهوارن کي مارڻ وارو آريہ ناهي ٿيندو. سيني ساهوارن لاءِ عدم تشدد جو جذبو رکڻ وارو آريہ هوندو آهي. ڌمپد 270.

## دسيو لفظ جو استعمال

آريہ لفظ وانگر دسيو لفظ بہ صفت کي بيان ڪندڙ لفظ آهي.
انڪري سيني علائقن ۽ زمانن ۾ دسيو ٿيندا آهن. مهاڀارت ( شانتي پرو 65/23 ) ۾ چيل آهي. سيني ماڻهن ۽ ورڻن ۾ دسيو سڀاءُ جا ماڻهو ٿي سگهن ٿا.

دسيو لفظ جو مطلب ۽ مخرج بہ انهن جي گڻ، عمل ۽ سڀاءُ تي دارومدار رکڻ کي ظاهر ڪري ٿو. نرڪت 07/23 ۾ ان لفظ جو بنياد هن طريقي سان ٻڌايو ويو آهي دسيو اهو آهي جيڪو بي عمل آهي يا برا عمل

ڪرڻ وارو جيڪو سنن عملن کان پري يا انهن ۾ رڪاوٽ وجهڻ وارو آهي.

رگ ويد 10/22/08 ۾ دسيو جي نشاني هن طرح بيان ڪيل آهي.

يعنيٰ دسيو اهو آهي جيڪو سوچ ويچار ڪري ڪم نٿو ڪري، جيڪو اهنسا، سچ، رحمدلي وغيره سنن عادتن کي نہ اپنائي ان جو ابتڙ اهنسا، ڪوڙ، بي رحمي وغيره عمل ڪري ٿو ۽ جيڪو ماڻهپي وارا عمل نٿو ڪري. ويدن ۾ اهڙي غير انساني ۽ غير سماجي فردن کي دسيو نالي سان سڏي انهن کي ختم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي. هن ڏس ۾ رگ ويد جو 06/22/10 خاص طور ذڪر ڪرڻ لائق آهي. جنهن ۾ اندر يعنيٰ راجا کي چيو ويو آهي تہ تون ڌرم جي ڪمن ۾ رڪاوٽ وجهڻ وارن ۽ انهن جو ناس ڪرڻ وارو "داسن" کي بہ آريہ يعنيٰ اتم ۽ باڪردار بڻائي. سايڻ ان جي تشريح ڪندي لکيو آهي تہ اندر جو ڪم بي عمل ماڻهن کي اتم انسان بڻائڻ آهي. ان مان ظاهر آهي تہ آريہ ۽ دسيو جو فرق عملن جي سبب آهي نہ ڪہ ذات جي سبب.

**منوسمرتي** 10/45 ۾ چيل آهي تہ

هن لوڪ برهمڻ وغيره ورڻن ۾ اتم ڪم نہ ڪرڻ سبب الڳ ڪيل جيڪي ذاتيون آهن اهي چاهي ڪهڙي بہ ٻولي ڳالهائيندڙ هجن سڀ دسيو آهن. ان مان ظاهر آهي تہ آرين ۾ بہ جيڪي برا عمل ڪندڙ آهن اهي دسيو چوائن ٿا.

**ميڪڊانل** لکيو آهي

" The term Dasa, Dasyu properly the name of the dark aborigines."



گرفٿ رگ ويد 01/10/01 تي تبصري ۾ لکيو آهي.

" The dusky brood the dark aborigines who opposed the Aryans."

يعنيٰ ڪاري رنگ جي مقامي ماڻهن کي جيڪي آرين جي مخالفت ڪندا هئا، داس يا دسيو چورائيندا هئا. برِصغير جي نام نهاد مقامي ماڻهن کي ڪارو ثابت ڪرڻ لاءِ اهي رگ ويد (01/101/01,1/130/08,2/20/07,4/16/13,06/47/21,07/05/03) جي ڇهن منترن جو حوالو ڏين ٿا. جن ۾ "ڪرشڻ" لفظ جو استعمال ٿيل آهي. حقيقت ۾ انهن منترن ۾ ماڻهن جو نہ پر ڪڪرن جي الڳ الڳ شڪلين يا حالتن جو ذڪر آهي. جيئن **"ڪرشڻ گرڀا"** لفظ جو مطلب **سڪند سوامي** ڪيو آهي تہ ڪاري ڪاري گهٽائن سان ڀريل ڪڪرن جو نالو **"ڪرشڻ گرڀا"** چيو ويو آهي.

ويد ۾ دسين جا نام نهاد نيتا (اڳواڻ) **اليوش، شمبر، چمُرِ، گهُنِ، ورچن** وغيره بہ ڪڪرن جي الڳ الڳ شڪلين جا هي نالا آهن. انيڪ منترن ۾ اندر کي **"ورترها"** يعنيٰ ورترن کي ناس ڪرڻ وارو چيو ويو آهي. ويد ۾ ڪڪرن جو نالو ورتر آهي ۽ انهن کي ٽوڙي ڪري برسات ڪرڻ وارو هئڻ ڪري سج يا بجلي جو نالو اندر آهي. **ويدارٿ ديپڪا** (ويدن جي معنيٰ تي روشني وجهندڙ) نرڪت جي رچيندڙ **ياسڪ آچاريہ** اڳ کان اٽڪل پنج هزار سال اڳ لکيو آهي "جنگ محسوس ٿيندڙ اهو بيان برسات جي عمل سان تعلق رکندڙ آهي."

ويد جي شاعرانہ ۽ تمثيلي انداز کي نہ سمجهڻ جي سبب مغربي ماڻهن ويد ۾ آيل لفظن ۽ منترن جو غلط مطلب ڪڍي الاهي ڇا جو ڇا

لکي ڇڏيو آهي.

مغربي نظريي وارن **"ششن ديوا" لفظ** مان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته مقامي رهواسي لنگ جي پوڄا ڪندڙ هئا. انهن جو اهو مطلب غلط فهمي تي مشتمل آهي. **"ششن ديوا"** جو مطلب آهي ڪامي (شهوت پرست، عياش) يوڳي، زناڪار ماڻهو ڪي ويد ۾ **"ششن ديو"** نالي سان سڏيو ويو آهي. **ياسڪ آچاريه** رگ ويد 07/21/05 جي تشريح ۾ **"ششن ديوا"** جو سڌو مطلب ابرهم چريه (غير پاڪدامن) ڪيو آهي. نرڪت (04/19) ويد ۾ رگ ويد 07/21/05 ۽ 10/99/03 انهن ٻن منترن ۾ **"ششن ديو"** لفظ آيو آهي. انهن ٻنهي منترن ۾ اندر کان اها ئي پرارٿنا ڪئي وئي آهي ته ماڻهن کي تڪليف پهچائڻ وارن ڌڪاريل، دغاباز ۽ **"ششن ديوا"** = زناڪار ماڻهو اسان جي يگين = يلاري ڪمن رڪاوٽ نه وجهن. انهن منترن ۾ پوڄا= عبادت جو موضوع ئي ناهي. ڪنهن به ملڪ، وقت، سماج سان تعلق رکندڙ حواسن جي لذتن ۾ قاتل يا زناڪار ماڻهو کي **"ششن ديو"** جي نالي سان سڏي سگهجي ٿو.

ويدن ۾ ته فرضن بجا نه آڻيندڙ، ابتا عمل ڪندڙ، يگيه نه ڪندڙ، بي عمل، غير انساني عمل ڪندڙ، يلو نه چاهيندڙ، ڪنجوس، شخص کي دسيو چيو ويو آهي، چاهي اهو ڪنهن به ذات يا قبيلي جو هجي. مغربي ليکڪن سياسي سببن سان مقامي ماڻهن ۾ ڦوٽ وجهڻ جي مقصد سان ويد منترن ۽ ويدڪ لفظن جا خيالي مطلب ڪيا آهن.

ويد ۾ **"اناس"** لفظ آيو آهي. ان کي ڏسي ڪري مغربي نظريي وارن ان جو مطلب ڪيو آهي، "جنهن کي نڪ ناهي يا چپٽي نڪ وارا"



انهن جو اهو خيال به بي بنياد آهي. **"ناس"** لفظ جو مطلب نڪ ناهي بلڪ "آواز ڪرڻ" آهي. رگ ويد جي جنهن منتر (05/29/10) ۾ اهو لفظ آهي. اتي جهڙ يا ڪڪرن جو موضوع آهي. انڪري ڪڪرن جي صفت جي صورت ۾ ان جو مطلب "آواز يا گاج نه ڪرڻ وارا ڪڪر" آهي. بوءِ سگهندڙ نڪ چپٽو يا سڌو، ان سان ان لفظ جو ڪوبه واسطو ڪونهي.

بدقسمتي سان ٻئي نموني ڀارت جي قديم تواريخ جو بهانو ٻڌائي ويد ۽ ويدڪ زماني جي آرين جي جيڪا تصوير موجوده ۽ مستقبل جي نسلن جي سامهون پيش ڪئي پئي وڃي، انکي پڙهي ٻڌي ڪنهن جي به دل ۾ پنهنجي ماضي سان محبت ۽ فخر جو جذبو نٿو رهي سگهي.

غير ملڪي حملا آورن وقت به وقت اسان جي تواريخ ۽ ڪتابن کي بگاڙيو ۽ هاڻ وري ڪجهه ٻيا ماڻهو هن عمل کي جاري رکڻ ۾ مشغول آهن.

تواريخ ان کي چئبو آهي جنهن ۾ واقعن کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو وڃي. ڪنهن به سبب سچائي کي ٿوڙي مروڙي پيش ڪرڻ عقل جو آتم گهات آهي.

**(ختم شده)**